هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿين وارو

# سنتن ڀريو بيان

30-06-2016



(Sindhi)

## مولا علی رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو عشقِ رسول

۽ عشقِ رسول جا تقاضا

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# مولا علي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنہُ جو عشقِ رسول ۾ عشقِ رسول جا تقاضا

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## ملائڪن جي امامت:

حضرتِ سَيِدُنا حَفص بن عبدُالله رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جو بيان آهي تہ مون اِمام المُحَدِّثين حضرتِ سَيِدُنا اَبُو زُرعَہ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ کي سندن وَفات کان پوءِ خواب ۾ ڏٺو تہ هو پهرين آسمان تي ملائڪن کي نماز پڙهائي رهيا آهن. مون پڇا ڪئي: اي اَبُو زُرعَہ! اوهان کي اهو اِعزاز ۽ مرتبو ڪيئن مليو؟ انهن اِرشاد فرمايو: مون پنهنجي هٿ سان ڏھ (10) لک حَديثون لکيون آهن ۽ مان هر حديث ۾ دُرود پاڪ پڙهندو هئس ۽ نبي رَحمت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي تہ جيڪو مُسَلمان هڪ ڀيرو مون تي دُرُود شريف موڪليندو آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان تي ڏھ رَحمتون نازِل ڪندو آهي.

(شرح الصدور،باب في نبذ من اخبار من رأي الموتي ...الخ،ص ۲۹۴)

قبر میں خُوب کام آتی ہے   بیکسوں کی ہے یارِ غار دُرُود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!   صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا.

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الڪبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون:

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! اُذْكُرُوالله, تُوبُوا اِلَى الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ رَمضانُ المُبارَڪ جو مُقدَّس مهينو جاري و ساري آهي، انهيءَ مهيني ۾ اَميرُالمُؤمنين حَضرتِ سَيدُنا علي المرتضيٰ شيرِخدا ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجهه الكَرِيم جو يومِ شهادت به گذريو، انهي نسبت سان اڄ اسان انهن جي هڪ نهايت ئي پياري صفت ”عشقِ رسول“ جي باري ۾ ڪجهه مدني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين، اچو پهريان هڪ حِڪايت ٻڌون ٿا:



www.dawateislami.net

## تو جهڙو حسين نہ ڏٺو، نہ ٻڌو!

منقول آهي تہ هڪ ڀيري ڪجھ غير مُسلِم اَمِيرُالمُؤمنين حَضرتِ سَيدُنا ابوبڪر صِدّيق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ چيائون: پنهنجي صاحب (پياري آقا عَلَيه السَّلام) جون وصفون بيان ڪيو! پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ اِرشاد فرمايائون: اي انسانو ٻڌو! مان پاڻ ڪريمن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ غارِ ثور ۾ ائين هئس جيئن منهنجون اهي ٻہ آڱريون، جڏهن تہ جبل حِرا تي مان پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ چڙهيس تہ ٻہ مان سندن گهڻو قريب هئس، ايتري قدر قُربت باوجود حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سراپاءِ اقدس ڪي بيان ڪرڻ نهايت ڏکيو مُعاملو آهي، ها علي بن ابي طالب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ وٽ وجو اهي بيان ڪندا. اهي ماڻهو اَمِيرُ المُؤمنين حَضرتِ سَيدُناعلي المرتضيٰ شيرِ خدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجههُ الكَرِيم جي بارگاھ ۾ حاضر ٿيا ۽ سندن کي عرض ڪيائون: اي ابوالحسن! پنهنجي چاچي جي پٽ (يعني پياري آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) جون وصفون بيان ڪيو! تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ اِرشاد فرمايو: رَسُولُ الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم نہ تہ گهڻا ڊگها هئا ۽ نہ ئي بلڪل ننڍي قد جا، بلڪ وچولي قد کان ڪجھ ڊگها هئا، رنگ مبارڪ سفيد هو جنهن ۾ ڳاڙهاڻ جي آميزش بہ هئي، مبارڪ زلف (يعني وارَ) نہ وڌيڪ گهنگهريالا هئا بلڪ ڪجھ خمدار ها جيڪي ڪنن تائين هوندا ها، ڪشاده پيشاني، سُرمگين اکيون، چمڪيلا مبارڪ ڏند، بُلند نڪ، ڪنڌ خوب شفاف جهڙو چاندي جي صراحي، جڏهن هلندا هئا تہ مضبوطي سان قدم رکندا هئا جيئن بلندي تان لهي رهيا هجن، جڏهن ڪنهن ڏانهن متوجھ ٿيندا هئا تہ ڪامل توجُّہ فرمائيندا هئا، جڏهن بيهندا هئا تہ ماڻهن کان بلند لڳندا هئا ۽ جڏهن ويهندا هئا تڏهن بہ سيني ۾ نُمايان هوندا هئا، جڏهن گفتگو ڪندا ها تہ ماڻهن تي خاموشي طاري هوندي هئي، جڏهن خطبو اِرشاد فرمائيندا هئا تہ سامعين تي گِريو طاري ٿيندو هو،



www.dawateislami.net

ماٿھن تي سڀ کان وڌيڪ رحيم ۽ مهربان، يتيمن جي لاءِ شفيق پيءُ وانگر، بيوائن جي لاءِ ڪريم ۽ نرم دل، سيني کان وڌيڪ بهادر، سيني کان گهڻا سخي ۽ روشن چهري وارا هئا، عباء (جُبو) پائيندا هئا، جَو جي ماني کائيندا هئا، حضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو وهاڻو چمڙي جو هو جنهن ۾ کجي جي ڇال(يعني ڇوڏا،سنهن پنن) سان ڀريل هيو، کٽ ٻبر جي ڪاٺي جي هئي جيڪا کجيءَ جي پنن جي رسي سان واڻيل هئي، حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا ٻہ عمامہ هئا، هڪ جو نالو سحاب جڏهن تہ ٻي کي عُقاب چيو ويندو هو، پاڻ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون ضرورت وارين شين ۾ تلوار ذُوالفقار، اُونٺڙي عضباء، خچر دُلدُل، گڏھ يعفور، گهوڙو بحر، ٻڪري برڪة، عصا ممشوق ۽ جهنڊو ”لِواءُ الحَمد“ جي نالي سان مشهور هو، پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اُٺ کي پاڻ ٻڌندا هئا ۽ ان کي چارو ڏيندا هئا، ڪپڙن کي چتيون لڳائيندا هئا ۽ جُوتي جي اصلاح بہ پاڻ ئي ڪندا هئا. مڪمل حُليو مُبارڪ بيان فرمائڻ کان بعد اَمِيرُالمُؤمنين حَضرتِ سَيدُنا مَولَيٰ علي شيرِ خدا كَرَّمَ اللّٰہ تَعَالٰی وَجهه الكَرِيم ارشاد فرمايو: لَمْ اَرَ قَبْلَهٗ وَلَا بَعْدَهٗ مِثْلَهٗ، مون حُضُور عَلَيه الصَّلوٰة وَالسَّلَام کان پهريان ۽ پاڻ عَلَيه الصَّلوٰة وَالسَّلَام کان پوءِ اوهان جهڙو ٻيو ڪو نہ ڏٺو. هڪ روايت ۾ مڪمل حُليو بيان فرمائڻ کان پوءِ حضرتِ موليٰ علي كَرَّمَ اللّٰہ تَعَالٰی وَجهه الكَرِيم ائين فرمايو: يَقُوْلُ نَاعِتُهٗ لَمْ اَرَ قَبْلَهٗ وَلَا بَعْدَهٗ مِثْلَهٗ حُضُور عَلَيه الصَّلوٰة وَالسَّلَام جي هر ساراهہ ڪندڙ آخر ۾ اهو ئي چوندو هو تہ نہ اوهان جهڙو پهريان ڪو هو نہ بعد ۾ ڪو ٿيندو. (ازالة الخفا، ۴۹۹/۴،ملتقطاً وترمذي: ۳۶۴/۵، حديث: ۳۶۵۷ و: ۳۶۵۸)

مُفَسّرِ شَهير،حڪيمُ الاُمَّت مفتي احمد يار خان رَحمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه هن حديثِ پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: حضرات صحابہ ڪرام (عَلَيهِمُ الرِّضوَان) حُضُور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مثل ڇا ڏسن ها خدا تہ حُضُور(عَلَيه الصَّلوٰة وَالسَّلَام) جي مثل ٺاهيو ئي ناهي.

(مرآة المناجيح، باب اسماء النبي و صفاته، الفصل الثاني،۵۸/۸، ملتقطاً)



www.dawateislami.net

حُسن تیرا سانہ دیکھا نہ سنا
کہتے ہیں اگلے زمانے والے
وہی دھوم ان کی ہے مَاشَاءَاللہ
مِٹ گئے آپ مٹانے والے (حدائقِ بخشش:161)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## تجھے یک نے یک بنایا!

منا منا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! جڏهن ماڻهن اَمِيرُالمُؤمنين حَضرتِ سَيدُنا علي المُرتَضيٰ شيرِخدا كَرَّمَ اللہ تَعَالٰي وَجهه الكَرِيم کان حُضُور عَلَيه الصَّلوٰة وَالسَّلَام جي وصفن جي باري ۾ پڇيو تہ پھريان انھن تفصيل سان رحمت عالم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو مُقدَّس حُليو بيان فرمايو، پوءِ پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ڪجھ مبارڪ عادتون بہ بَيان فرمايون، پوءِ اھي شيون جنھن ڪي پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم استعمال فرمائي شرف بخشيو انھن جو تذڪرو ڪرڻ سان گڏ موليٰ علي كَرَّمَ اللہ تَعَالٰي وَجهه الكَرِيم انھن جا نالا بہ ٻڌايا، ماڻھن جي سوال جو جواب ايستائين ختم ٿي چڪو ھو، پر اَمِيرُ المؤمنين حضرتِ موليٰ علي كَرَّمَ اللہ تَعَالٰي وَجهه الكَرِيم آقا عَلَيه الصَّلوٰة وَالسَّلَام سان پنھنجي والھانہ مَحَبَّت، اُلفت ۽ عشق جو اظھار ڪندي فرمايو تہ پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنھنجي خدّوخال (شڪل و صورت) ،حُسن و جَمال ۽ عادات وخِصال ۾ بي مثل وبي مثال آھن، ”لَمْ اَرَ قَبْلَهٗ وَلَا بَعْدَهٗ مِثْلَهٗ“ پاڻ جھڙو نہ پھريان ڏٺو نہ ئي بعد ۾ ڏٺو.

امامِ عشق ومحبت، امام احمد رضاخان رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا:

لَمْ يَاتِ نَظِيْرُكَ فِيْ نَظَرٍ مِثْلِ تو نہ شُد پیدا جانا
جگ راج کو تاج تورے سر سوہے تجھ کو شہِ دوسرا جانا (حدائقِ بخشش:43)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي اسان جا آقا و مولىٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مثل ڪو بہ ناهي، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تمام مخلوق ۾ مُنفرد ۽ مُمتاز آهن، اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ جي سڀني مخلوق ۾ سڀ کان افضل ۽ اعلىٰ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ئي جي ذاتِ طَيبہَ آهي. قرآنِ پاڪ ۽ احاديثِ مبارڪ ۾ ڪيئي هنڌن تي هن ڳالهہ جي صراحت ڪئي وئي آهي، جيئن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ قرآنِ پاڪ ۾ اِرشاد فرمائي ٿو:

وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿١٠٧﴾ (پ١٧، الانبياء:١٠٧)

تَرجموڪنزُالايمان: ۽ اسان توکي نہ موڪليو مگر رحمَت سڀني جهانن جي واسطي.

سرڪارِ اعلىٰ حضرت، مجدّدِين و ملّت، پروانۂ شمعِ رسالت، مولانا شاه امام احمد رضا خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ هن آيتِ مبارڪ جي تحت جيڪو اِرشاد فرمايو آهي ان جو خلاصو هي آهي: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کان سوا هر شي کي عالَم چون ٿا، جنهن ۾ انبياء ۽ ملائڪ بہ داخل آهن تہ يقيناً حُضُور عَلَيه الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام انهن سڀني تي بہ رحمت ۽ اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ جي نعمت آهن ۽ اهي سڀ حُضُور عَلَيه الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام جي بارگاه مان ئي فيض ياب ۽ بهره مند ٿيا آهن. (فتاوىٰ رضويه: ١٤١/٣٠، ملخصاً) امام فخرالدين رازي رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ هن آيتِ مُقدَّسہ جي تحت فرمائن ٿا: جڏهن حُضُور عَلَيه السَّلَام تمام عالَم جي لاءِ رحمت آهن تہ هي ڳالهہ بہ لازمي آهي تہ تمام عالَم کان افضل بہ هجن، تڏهن تہ انهن جي لاءِ رحمت ٿيا ويندا. (التفسيرالڪبير، البقرة، تحت الآية٢٥٣، ٥٢١/٢)

حضرتِ سَيدُنا عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُمَا اِرشاد فرمائن ٿا:

”اِنَّ اللهَ تَعَالٰى فَضَّلَ مُحَمَّدًا (صَلَّي اللّٰہُ تعَالي عَلَيه وَسَلَّم) عَلَى الْاَنْبِيَاءِ وَعَلٰى اَهْلِ السَّمَاءِ“

يعني بي شڪ اللّٰه تعَالي محمد صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي سڀني اَنبياء ۽ ملائڪ کان افضل ڪيو آهي. (سنن الدارمي، باب ما اعطي النبي...، ٣٨/١، الحديث:٤٦)



www.dawateislami.net

خد ملائڪن جا سردار، حضرتِ سَيدُنا جبريلِ امين عَلَيهِ السَّلَام عرض ڪن ٿا:

قَلَّبْتُ مَشَارِقَ الْاَرْضِ وَمَغَارِبَهَا فَلَمْ اَجِدْ رَجُلاً اَفْضَلَ مِنْ مُحَمَّدٍ

يعني مون زمين تي اُتر اوير ۾ ڳولها ڪئي محمد(صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کان افضل ڪنهن کي نہ ڏٺو. (المعجم الاوسط، ۳۷۳/۴،حديث:۶۲۸۵)

هن ڳالھ جي طرف اشارو ڪندي سرڪارِ اعليٰ حضرت، شاھ امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا:

یہی بولے سِدرہ والے چمنِ جہاں کے تھالے

سبھی میں نے چھان ڈالے ترے پایہ کا نہ پایا

تجھے یک نے یک بنایا

(حدائقِ بخشش: 363)

شعر جي وضاحت: حضرتِ جبريلِ امين عَلَيهِ السَّلَام پڪاري چوڻ لڳا تہ مون سموري جهان جي ڳولها ڪئي، پر حُضُور عَلَيهِ السَّلَام جهڙو مقام ۽ مرتبو ڪنهن جو نہ ڏٺو، سبب ان جو هي آهي تہ اللہ وَحدَهٗ لَاشَرِيک پنهنجي محبوب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي بي مثل ۽ بي مثال بڻايو آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## صحابہ ڪرام ۽ عشقِ رسول :

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً اسان جي پياري آقا، مڪي مَدَني مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا تمام صحابہ سندن صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عشق ۽ مَحَبَّت ۾ سَرشار ها، هي اهي ئي ماڻهو ها، جن رسول اللہ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مَحَبَّت ۾ پنهنجو گھر بار، مال دولت، مٽ مائٽ ۽ رشتا ناطا سڀ قربان ڪري ڇڏيا، هي ئي اهي ماڻھو هئا جن رسولِ خدا صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رِضا کي هميشہ پنهنجي مرضي تي ترجيح ڏني، هي ئي اهي ماڻهو ها جن پنهنجي



www.dawateislami.net

خُونِ جگر سان شجرِ اسلام جي آبياري ڪئي ۽ سڄي دُنيا ۾ اسلام جو پرچم بلند ڪيو هو.

## موليٰ علي جو عشقِ رسول :

انهن خُوش نصيبن مان هڪ اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سَيِدُناعلي المرتضيٰ شيرِ خدا ڪَرَّمَ اللہُ تَعَالي وَجهه الڪَرِيم بہ آهن، پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ سرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي چاچي جا پٽ (يعني سؤٽ) ها، سيدِعالَم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ڪفالت ۾ ئي سندن جو ننڍپڻ ۽ لڙڪپن گُذريو، ان ڪري مَوليٰ علي ڪَرَّمَ اللہُ تَعَالي وَجهه الڪَرِيم سيدِ عالَم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ڪردار ۽ عادت واَطوار کان بي پناهہ مُتاثر ٿي پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان بيحد عقيدت و مَحَبَّت رکندا هئا ۽ آقا عَلَيه الصَّلٰوة وَالسَّلَام جي هر ڳالهہ کي دل وجان سان قَبول ڪندا هئا اهو ئي سبب آهي تہ جڏهن پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهن کي اِسلام جي دعوت ڏني تہ موليٰ علي ڪَرَّمَ اللہُ تَعَالي وَجهه الڪَرِيم قبول ڪري ورتي ۽ ننڍپڻ کان ئي سرڪار عَلَيه الصَّلٰوة وَالسَّلَام سان گڏ نماز پڙهڻ شروع ڪري ڇڏي ۽ ائين اسلام قَبول ڪرڻ وارن پهرين ماڻهن ۾ سندن شُمار ٿيڻ لڳو. اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ حضرتِ علي ڪَرَّمَ اللہُ تَعَالي وَجهه الڪَرِيم جو رَسُولُ الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان مَحَبَّت جو تعلق وڌيڪ مضبوط ٿي ويو، پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ عشق ۽ مَحَبَّت جي هر تقاضي کي بحسن وخوبي پورو ڪندا رهيا، اَمِيرُ المؤمنين حَضرتِ سَيِدُنا عَلي المُرتَضيٰ ڪَرَّمَ اللہُ تَعَالي وَجهه الڪَرِيم جا سرڪار عَلَيه الصَّلٰوة وَالسَّلَام سان بي پناهہ عشق ۽ محبت ۽ وارفتگي جا ڪيئي واقعا ملن ٿا.

صاحبِ لُطف وعَطا مَولیٰ علی مُشکِل کُشا
ہیں شہید با وفا مَولیٰ علی مُشکِل کُشا
پیکرِ خوفِ خدا اے عاشقِ خیرُ الوریٰ
تم سے راضی کِبریا مَولیٰ علی مُشکِل کُشا (وسائلِ بخشش:321)



www.dawateislami.net

## محبوب جي بک مٹائڻ بابت سندن جذبو:

هڪ ڀيري نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪاڏي جو اِنتظام ڪرڻ جي لاءِ حضرت سيدُنا علي المرتضيٰ كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰي وَجهه الكَرِيم هڪ غير مسلم جي باغ ۾ ويا ۽ کوهه مان پاڻي جا سترهن (17) ڏول ڪڍيا ۽ هر ڏول جي بدلي ۾ هڪ کجور طي ٿي هئي. ان غير مسلم پنهنجي تمام قسم جون کجورون حضرت علي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي سامهون رکيون ته جيئن جيڪي کجورون کپن اهي کڻن، پاڻ سترهن (17) عدد عَجوه کجورون کنيون ۽ وجي پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ پيش ڪيون، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڇيائون: اي ابُوالحسن! اهي کجورون اوهان کي ڪٿان کان مليون؟ عَرض ڪيائون: يا رَسُولَ الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مون کي اوهان جي سخت فاقي جي خبر ملي ته مان ڪم جي تلاش ۾ نڪري پيس ته جيئن پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ ڪاڏي جي ڪا شيء حاصل ڪري سگهان. پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ڇا توهان اهو سڀ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول جي مَحَبَّت جي ڪري ڪيو آهي؟ عرض ڪيائون "جي ها" يارَسُولَ الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ته پياري آقا محبوبِ مشڪل ڪشا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايائون: جيڪو ٻانهو الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان مَحَبَّت ڪندو آهي فقر ۽فاقو ان ڏانهن ايتري تيزي سان ايندو آهي جيتري تيزي سان پاڻي جو سيلاب هيٺانهين ڏانهن ڪرندو آهي ان ڪري جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان مَحَبَّت ڪري ان کي گهرجي ته (فقر ۽ فاقه جي لاءِ صبر جي صورت ۾) ڍال تيار رکي. (سنن الكبري للبيهقي ،كتاب الاجارة ،باب جوازالاجارة ،١٩٧/٦،الحديث:١١٦٤٩)

لگاؤ سینے میں آگ ایسی قرار پائے نہ دِل کبھی بھی
رُلائے دِن رات تیری اُلفت نبیِّ رَحمت شَفیعِ اُمّت
میں نام پر تیرے واری جاؤں میں عِشق میں تیرے سَر کٹاؤں



www.dawateislami.net

دو ایسا جَذبہ دو ایسی ہِمّت
نبیِّ رَحمت شفیعِ اُمّت
قلیل روزی پہ دو قناعت
فضول گوئی سے دیدو نفرت
دُرُود پڑھتا رہوں بکثرت
نبیِّ رَحمت شفیعِ اُمّت

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## غريب فائدي ۾!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن واقعي مان جتي اهو معلوم ٿيو ته عشقِ رسول جي پيشِ نظر حضرت موليٰ علي كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجهه الكَرِيم کي هرگز اهو منظور نہ هو ته ان جي هوندي سرڪارِ عالي وقار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪا تڪليف پهچي، هتي اهو بہ معلوم ٿيو ته اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي مَدَني حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان مَحَبَّت ڪرڻ وارن کي رِزق جي تنگي ۽ مال و دولت جي ڪمي کي منهن ڏيڻو پوندو. عام طور اسان وٽ غُربت کي نهايت وڏي آفت ۽ ذلّت جو سبب سمجهيو ويندو آهي جڏهن تہ حقيقت ۾ غُربَت اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي نعمت، نبي رحمت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چاهت، ڪيترن ئي فضيلت ۽ بي شمار فائدن جو سبب آهي، غريبن مسڪينن جا آخِرت ۾ مزا هوندا ڇوته مالي عبادات جيئن زڪوٰة، فِطرَه، حج وغيره جي باري ۾ پڇا ڳاڇا بابت اَمن ۾ هوندا ڇاڪاڻ تہ اهي اَحڪام مال دار ۽ صاحبِ اِستِطاعت مسلمانن جي لاءِ آهن. محشر جي ڏينهن جڏهن تہ مال دار رَبِّ ذُوالجَلال عَزَّوَجَلَّ جي بارگاه ۾ پنهنجي مال جي باري ۾ حساب ڪتاب ڏيڻ ۾ مشغول هوندا، هوڏانهن نادار مُسَلمان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ۽ مَشِيت سان جنّت ۾ داخل ٿي رهيا هوندا ۽ ائين جنّت ۾ فقيرن، غريبن جو داخِلو اميرن کان پهريان ٿيندو جيئن تہ نبي ڪريم، رَءُوفٌ رَّحيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ دلنشين آهي: ”مُسَلمان فقراء مالدارن کان اڌ ڏينهن پهريان جنّت ۾ داخِل ٿي ويندا ۽ اهو اڌ ڏينهن 500 سالن (جي برابر) هوندو.“

(ترمذي، ڪتاب الزهد،باب ما جاء ان فقراء المهاجرين ا لخ، ۱۵۸/۴،حديث:۲۳۶۱،از غريب فائدے ۾ ھے، ص۶)



www.dawateislami.net

## ”غريب فائدي ۾ آهي“ جو تعارف

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** غربت جي فائدن جي باري ۾ اسان جيڪو پڙهو اهو مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل رسالي ”غَريب فائدي ۾ آهي“ مان ورتو ويو آهي، ڇا غربت باعثِ رحمت آهي يا وڏي زحمت؟ اهو دنيا جون پريشانيون وڌائڻ جو سبب آهي يا آخرت جون پريشانيون گهٽ ڪرائڻ جو سبب؟ اسان جو اَسلاف غربت ۾ رهڻ پسند ڪندو هو يا مال و دولت جي ڪثرت جا شوقين ها؟ اها سموري معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ تان اڄ ئي هن رسال کي هديو ڏئي طلب فرمائي پاڻ بہ مطالعو ڪيو ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ هن جي مطالعي جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اتباع رسول جو مُقدّس جذبو:

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اسان حَضرتِ سَيدُنا موليٰ علي ڪَرَّمَ اللّٰہ تَعَالٰی وَجهه الکَرِیم جي عشقِ رسول جي باري ۾ ٻڌي رهيا آهيون، پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ جي سڄي زندگي عشقِ رسول جي ايمان افروز واقعن سان ڀريل آهي. هجرت جي رات پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ ئي هئا جنهن کي رَسُولُ الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي تشريف کڻي وڃڻ کان پوءِ بِسترِ رسول تي سمهڻ جي سعادت نصيب ٿي. ٿورو سوچيو تہ ڪو پنهنجي گهر ۾ رات جي وَقت آرام ڪري رهيو هجي ۽ ان کي هي خبر ملي تہ ٻاهر دُشمن ان جي جان وٺڻ لاءِ تيار آهن تہ ان جي ننڊ اُڏامي ويندي ان جو چين ۽ سُڪون برباد ٿي ويندو جيتوڻيڪ اهو هي ڄاڻندو هجي تہ ٻاهر سيڪيورٽي جو اعليٰ نظام مَوجُود آهي پر پوءِ بہ اهو مطمئن نہ ٿيندو، صرف اهو ئي نہ بلڪ گهر ۾ مَوجُود ٻيا ڀاتي بہ بي چين



www.dawateislami.net

۽ خوف زَده ٿي ويندا، پر قُربان وڃون حضرتِ مَوليٰ علي كَرَّمَ الله تَعَالٰي وَجهه الكَرِيم جي بي مثال هِمت ۽ ڪامل مَحَبَّت ڀري جذبي تي جو اهو معلوم هئڻ جي باوُجُود ته ٻاهر دُشمن گهات لڳائي ويٺل آهن، ڪنهن به وَقت حملو ڪري سگهن ٿا ۽ پنهنجي مَطلُوبه شَخص کي نه ڏسي غُصي ۾ ڪاوڙ ۾ دُشمن ڪا به ڪاروائي ڪري سگهن ٿا.

حضرتِ علي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنہُ انهن سيني ڳالهين جي ذرا به پرواهه نه ڪئي ۽ جيئن ئي نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت علي كَرَّمَ الله تَعَالٰي وَجهه الكَرِيم کي سڏائي فرمايائون ته مون کي خدا تعاليٰ جي طرفان هجرت جو حڪم ٿي چڪو آهي تنهنڪري مان اڄ مديني روانو ٿي ويندس، توهان منهنجي بستر تي منهنجي سبز رنگ جي چادر اوڍي سمهي پئو! قريش جون تمام امانتون جيڪي مون وٽ رکيل آهن ان کي مالڪن جي حوالي ڪري توهان به مديني اچي وڃجو. پوءِ حضرت علي كَرَّمَ الله تَعَالٰي وَجهه الكَرِيم ماڻهن جون امانتون انهن جي مالڪن جي حوالي ڪرڻ شُروع ڪيون ۽ مڪي ۾ ٽي (3) ڏينهن رهيا، پوءِ امانتون اَدا ڪرڻ کان پوءِ مديني ڏانهن نڪري پيا. ايستائين جو قُبا شريف پهچي ويا. حُضُور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرتِ ڪلثوم بن هدم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنہُ جي گهر ۾ تشريف فرما هئا هي به اتي ترسي پيا. (اسد الغابة،علي بن ابي طالب ،هجرته،۴/ ۱۰۴ملخصاً،و الرياض النضرة،علي بن ابي طالب،الفصل الخامس في هجرته ،۲/ ۱۱۳،الجزء الثالث)

بھیک لینے کے لئے دربار میں منگتا ترا
لے کے کشکول آگیا مولیٰ علی مُشکِل کُشا

ایک ذرّہ اپنی اُلفت کا عِنایت کر مجھے
اپنا دیوانہ بَنا مولیٰ علی مشکل کشا

(وسائل بخشش،ص:۵۲۴)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن واقعي مان مَعلُوم ٿيو تہ موليٰ علي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ حُضُور عَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام سان بي پناهہ مَحَبَّت ڪندا هئا، عشقِ رسول جي چاشني سندن رَڳ رَڳ ۾ ايتري قدر سرايت ڪري چڪي هئي جو انهن کي مَحبُوب آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان وڌيڪ ڪجهہ بہ عزيز نہ هو. پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي پنهنجي جان ومال، ماءُ پيءُ ۽ اولاد کان وڌيڪ سرورِ ڪائنات صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان مَحَبَّت هئي، پاڻ اِرشاد فرمائن ٿا: كَانَ وَاللّٰهِ اَحَبَّ اِلَيْنَا مِنْ اَمْوَالِنَا وَاَوْلَادِنَا وَاٰبَائِنَا وَاُمَّهَاتِنَا وَمِنَ الْمَاءِ الْبَارِدِ عَلَى الظَّمَاءِ تہ خدا جو قسم! حُضُور عَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام اسان جي مال، اسان جي اولاد، اسان جي پيءُ ،اسان جي ماءُ ۽ سخت اُڃ جي وقت ٿڌي پاڻي کان بہ وڌيڪ اسان جي ويجهو محبوب آهن. (الشفاء،القسم الثاني،الباب الثاني،فصل فيماروي عن السلف...،الجزء الثاني،ص۲۲) پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي ڪمال عشقِ رسول جو اندازو صلحِ حديبيہ جي هن واقعي مان بہ ٿئي ٿو تہ جڏهن نبي اڪرم، رحمتِ عالم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مُعاهدو لکڻ جي لاءِ حَضرتِ سَيدُنا عَلي المُرتَضيٰ كَرَّمَ اللہُ تَعَالٰي وَجهه الكَرِيم کي حڪم فرمايائون، معاهدي جا شرط لکائڻ کان پوءِ پاڻ عَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام فرمايائون لکو هَذَا مَا قَاضٰى عَلَيْهِ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ يعني هي اهي شرط آهن جنهن تي قُريش سان اللہ عَزَّوَجَلَّ جي رسول محمد صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم صُلح جو فيصلو ڪيو. اهو ٻڌي مشرڪن مان هڪ شَخص سُهيل بن عَمرو چيائين: جيڪڏهن اسان اوهان کي اللہ عَزَّوَجَلَّ جو رسول مڃون ها تہ بَيتُ اللہ کان نہ روڪيون ها ۽ نہ ئي جنگ ڪيون ها، تنهنڪري "مُحَمَّدٌ رَّسُولُ اللّٰه" جي بدران "محمد بن عبداللہ" لکو تہ پياري آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مان محمد بن عبداللہ بہ آهيان ۽ مُحَمَّدٌ رَّسُولُ اللہ بہ آهيان. پوءِ پاڻ عَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام سَيدُنا عَلي المُرتَضيٰ كَرَّمَ اللہُ تَعَالٰي وَجهه الكَرِيم کي فرمايائون: تہ (لفظِ)"مُحَمَّدٌ رَّسُولُ



www.dawateislami.net

الله“مٽايو ۽ هن جي بدران ”محمد بن عبدالله“ لکي ڇڏيو. سَيِدُنا عَلي المُرتَضيٰ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ عَرض ڪيو: يارَسُولَ الله! مان اوهان جو مبارڪ نالو هرگز نٿو مٽائي سگهان، تہ پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهو معاهدو ورتو ۽ پاڻ ان تان (لفظِ رَسُولُ الله مٽائي) محمد بن عبدُالله تحرير فرمائي ڇڏيو. (صحيحُ البخاري ،ڪتابُ الصُّلح ،باب ڪيف يڪتب هذاماصالح ـ ـالخ،ج۲/۲۱۲،الحديث:۲۵۹۹ مُلتَقَطاً(سيرت ابن هشام، ص۴۳۲)

میں گُناہوں کا مریض اور آپ ہیں میرے طَبیب
دیجئے مجھ کو شِفا مَولیٰ علی مُشکِل کُشا
دِل سے دُنیا کی مَحَبَّت دُور کر کے یا علی!
دید و عشقِ مُصطَفٰے مَولیٰ علی مُشکِل کُشا

(وسائلِ بخشش،ص:522،523)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان!حضرتِ سَيِدُنا عَلي المُرتَضيٰ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجههُ الكَرِيم پياري آقا عَلَيهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام سان ڪيتري قدر پيار ۽ مَحَبَّت ڪندا هئا جو پاڻ عَلَيهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام جو اسمِ گرامي مٽائڻ بہ اوهان کي پسند نہ هو، حڪيمُ الامت، مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: (حضرتِ موليٰ علي (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ) جي هٿ مان لفظِ رسول الله تي قلم نہ هليو، اهو حڪم جي خلاف ورزي نہ بلڪ انتهائي جوشِ ايماني ۽ جذبہء عشقِ رَسُولُ الله آهي. (مرآة المناجيح ،صلح ڪا بيان ،الفصل الثالث،ج۵/۶۲۳، بتغيرقليل)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هڪ سچو عاشق پنهنجي مَحبُوب جي هر هر حڪم جي پيروي ڪندو آهي بلڪ محبوب طرفان مبارڪ ٿيڻ واري هر عمل کي اپنائڻ سَعادت جو سبب سمجهندو آهي. حضرتِ سَيِدُنا ابوبڪره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: مان سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ نمازِ فجر جي لاءِ نڪتس تہ پاڻ عَلَيهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام ستل جنهن شَخص وٽان بہ گذرندا هئا تہ



www.dawateislami.net

ان کي نماز جي لاءِ آواز ڏيندا يا پير مبارڪ ڪان هلائيندا هئا. (ابوداؤد،کتاب الصلاة،باب الاضطجاع بعدها،۳۳/۲، حدیث:۱۲۶۴) جيئن تہ حَضرتِ سَيدُنا مَوليٰ علي شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ سچا عاشقِ رسول ها ان ڪري پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي هن اَدا تي بہ عمل فرمايو ۽ انهيءَ حالت ۾ پنهنجي جان جانِ آفرين جي سِپُرد ڪري ڇڏي.

منقول آهي تہ جڏهن مؤذن اچي اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سَيدُنا موليٰ علي شيرِ خدا کَرَّمَ اللّٰہُ تَعَالٰی وَجہَہُ الْکَرِیْم کي نماز جي وقت جو اطلاع ڏنو، تہ پاڻ نمازِ فجر جي لاءِ گهران نڪتا، راھ ايندي ماڻهن کي نماز جي لاءِ آواز لڳائي جڳائيندا ويا تہ اوچتو اِبنِ مُلجَم بدبخت پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ تي حملو ڪندي تلوار جو وار ڪيو جنهن سان پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ شديد زخمي ٿي پيا ۽ بعد ۾ جامِ شهادت نوش فرمايائون. (تاريخ الخلفاء، علي بن ابي طالب، فصل في مبايعة علي بالخلافة۔۔الخ، ص۱۳۹،ماخوذاً)

بعدِ خُلَفائے ثَلاثہ سَب صَحابہ سے بڑا
آپ کو رُتبہ مِلا مَولٰی علی مُشکِل کُشا
کیوں پِھروں دَر دَر بھلا خَیرات لینے کے لیے
میں فقط منگتا ترا مَولٰی علی مُشکِل کُشا

(وسائلِ بخشش،ص:522،524)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## عشقِ رسول جا تقاضا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً هر مُسَلمان پياري آقا عَلَیہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام سان عشق ۽ مَحَبَّت جو دعويدار آهي، پر اها دعويٰ ان صورت ۾ سچي مڃي سگهجي ٿي جڏهن تہ عشقِ رسول جي تقاضن تي عمل بہ ڪيو وڃي، ان ڪري اسان کي عشقِ رسول جي دَعويٰ ڪرڻ سان گڏوگڏ اهو بہ غورڪرڻ گهرجي تہ ڇا اسان عشقِ رسول جي تقاضن تي بہ ڪاربند آهيون يا اسان جو



www.dawateislami.net

عشق فقط دعويٰ تائين ئي محدود آهي؟ عشقِ رسولِ کن ڳالهين جو تقاضو ڪري ٿو اچو ان مان ڪجهه مدني گل ٻڌون ٿا:

## اطاعت ۽ اتباع

عشق ۽ مَحَبَّت جي پهرين تقاضا مَحبُوب جي اطاعت ۽ اِتّباع (پيروي) آهي، تنهنڪري هر اُمّتي تي لازم آهي ته مَحبُوبِ دو جهان، سَروَرِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جنهن ڳالهه جو حڪم اِرشاد فرمايو ان تي عمل پيرا ٿئي ۽ اس جي ذرّي برابر مخالفت جو تصوّر به ذهن ۾ نه آڻي، اِتّباعِ رسول جي تقاضا آهي ته هر مُسَلمان پياري آقا عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي سُنّتن تي عمل ڪندي زندگي گذاري، اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ موجوده دور ۾ شيخِ طريقت،اَمِيرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ العَالِیَہ جي ذات ۾ به اتباعِ رسول ۽ احياء سُنّت جو عظيم جذبو پنهنجو مٽ پاڻ آهي، سُنّت جي پيروي سان ڀرپور پاڻ دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ العَالِیَہ جي نوراني شخصيت کي ڏسي بي شمار ماڻهو متاثر ٿيا ۽ مٿي تي عمامي جو تاج، چهري تي ڏاڙهي ۽ بدن تي سُنّتن ڀريو لباس سجائي نه صرف عاشقانِ رسول جي صَف ۾ شامل ٿي ويا بلڪ نماز، روزي ۽ شرعي احڪامن جا پابند به ٿي ويا.مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب ”تعارفِ اميرِ اهلسنت“ جي صفحي 38 تي آهي: پاڻ دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ العَالِیَہ اِتباعِ سُنّت جي نيت سان ڪڏهن فرش تي سمهن ٿا ته ڪڏهن تڏي تي. پاڻ سمهڻ جي لاءِ نه ته پنهنجي گهر ۾ ڪو گاديلو رکيو آهي نه ئي پلنگ، مطلب! اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ العَالِیَہ جا ڏينهن رات جي معمولات ۾ اتباعِ رسول ئي جي جهلڪ نظر ايندي آهي جيڪا يقيناً پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان والهانه عشق ۽ مَحَبَّت جو دليل آهي. الله عَزَّوَجَلَّ انهن جي صدقي اسان کي به پنهنجي حبيب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اهڙي ئي سچي محبت ۽ ان جي ڪامل اطاعت نصيب فرمائي.



www.dawateislami.net

اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

مُطِیع اپنا مجھ کو بنا یاالٰہی! سَدا سُنّتوں پر چلا یاالٰہی!

میں عِشقِ نبی میں رہوں گم ہمیشہ تُو دیوانہ ایسا بنا یاالٰہی!

تُو انگریزی فیشن سے ہر دم بچا کر مجھے سُنّتوں پر چلا یاالٰہی!

تجھے واسِطہ سَیِّدہ آمِنہ کا بنا عاشِق مُصطفٰے یاالٰہی!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## تعظيم ۽ تڪريم:

عشقِ رسول جي هڪ تقاضا اها به آهي ته پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بيحد تعظيم ۽ تڪريم ڪئي وڃي، جيڪو شخص ڪنهن سان مَحَبَّت ڪندو آهي اهو پاڻ به ان جي تعظيم ڪندو آهي ۽ ٻين کان به انهيءَ ڳالهه جي توقع رکندو آهي، ايستائين جو جيڪڏهن ڪو شخص ان جي محبوب جي ٿوري به توهين ڪري ته اهو ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويندو آهي. اها ته عام محبوب جي ڳالهه آهي جڏهن ته سَروَرِ عالم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ته ڪائنات سان گڏوگڏ خود خالقِ ڪائنات جا به مَحبُوب آهن پاڻ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سندن تعظيم ۽ توقير ڪرڻ جو حڪم اِرشاد فرمايو آهي. جيئن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اِرشاد فرمائي ٿو:

وَ تُعَزِّرُوْهُ وَ تُوَقِّرُوْهُ ؕ

(پ۲۶، الفتح:۹)

**تَرجمو ڪنز الايمان:** ۽ رسول جي تعظيم ۽ توقير ڪيو

## ڪثرتِ ذڪر:

عشق ۽ مَحَبَّت جي تقاضن مان اهو به آهي ته انسان جنهن سان عشق ومحبت جي دَعويٰ ڪري ٿو ته ڪثرت سان ان جو ذڪر به ڪندو آهي ڇوته عاشقِ صادق کي پنهنجي مَحبُوب جي ذِڪر سان لذّت ملندي آهي.



www.dawateislami.net

جيئن تہ اسان جي عشق ۾ مَحَبَّت جو مرڪز سَروَرِ ڪائنات صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مُبارڪ ذات آهي ان ڪري اسان کي بہ ڪثرت سان اُن جو ذڪر ڪرڻ گهرجي. ذڪرِ رسول اهو بابرڪت وظيفو آهي جنهن ۾ عاشقن جي دلين جي تسڪين بہ آهي، اظهارِ مَحَبّت بہ آهي ۽ نيڪين جو خزانو بہ. هن جو بهترين طريقو هي آهي تہ محبوبِ دوجهان، سرورِ ڪون و مڪان صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ذاتِ طَيبہَ تي وڌ کان وڌ درود و سلام پڙهيو وڃي. جيڪڏهن مدني انعامات تي عمل ڪرڻ نصيب ٿي وڃي تہ روزانو گهٽ مان گهٽ 313 ڀيرا دُرودِ پاڪ پڙهڻ جي سعادت نصيب ٿي سگهي ٿي، مدني انعام نمبر 5 آهي: ڇا اڄ توهان پنهنجي شَجري جا ڪجهہ نہ ڪجهہ اوراد ۽ گهٽ ۾ گهٽ 313 ڀيرا درود شريف پڙهي ورتا؟

نہ غرض کسی سے نہ واسطہ، مجھے کام اپنے ہی کام سے
تیرے ذکر سے تری فکر سے تیری یاد سے تیرے نام سے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## دوستن سان دوستي، دشمنن سان دشمني:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عشق جي تقاضن مان هڪ اهم ڳالهہ اها بہ آهي تہ جهڙي طرح هڪ سچي عاشق کي پنهنجي مَحبُوب سان نسبت رکڻ واري هر شيء سان محبت هوندي آهي، پنهنجي مَحبُوب جي دوستن ۽ ان جي عزيزن سان عقيدت هوندي آهي اهڙي طرح ان جي دشمنن سان عداوت رکڻ، ان سان قطع تعلق ڪرڻ بہ عشق جو تقاضا آهي. ائين نٿو ٿي سگهي تہ ڪو شخص ڪنهن سان سچي محبت جي دَعويٰ بہ ڪندو هجي ۽ ان جي دشمنن کي دوست بہ رکندو هجي.



www.dawateislami.net

صَدرُ الافَاضِل حضرت علاّمہ مولانا سَيد محمد نعيمُ الدين مُراد آبادي رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ فرمائن ٿا: مؤمنين کان ائين ٿي ئي نٿو سگھي ۽ انهن جو اهو شان ئي ناهي ۽ ايمان هن کي پسند ئي ناهي کندو تہ خدا ۽ رسول جي دشمن سان دوستي کيون. (خزائن العرفان،پ۲۸،المجادلة، تحت الآية:۲۲) ياد رهي! عاشقانِ رسول جي لاءِ صرف اها ڳالھ ئي ڪافي ناهي تہ رسولِ پاڪ، صاحِبِ لولاڪ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي دشمنن کي دشمن سمجھون بلڪ انهن سان دشمني سان گڏوگڏ انهن جي تهذيب ۽ رسم و رواج کان بہ پاسو اختيار ڪرڻ لازمي آهي. پر افسوس! اڄڪلھ جي مسلمانن کي خبر ناهي ڇا ٿيو آهي جو اهي پنهنجي محبوب آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي دشمنن جي طور طريقن تي عمل ڪرڻ مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ فخر جو سبب سمجھندا آهن. افسوس! تہ اسان روز بروز مغربي تهذيب ۽ انهن جي رهڻي ڪهڻي جا متوالا بڻجندا پيا وڃون. ان جو ئي اهو نتيجو آهي جو اڄ عورتن حيا جي چادر لاهي اڇلائي آهي، نوجوانانِ اسلام جي نگاهن مان حيا رُخصت ٿيڻ لڳي آهي پنهنجي پاڻ کي غلامانِ مصطفي سڏائڻ وارا سيرتِ مصطفي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اپنائڻ بدران دُشمنانِ مصطفي جي طور طريقن تي عمل ڪندي نظر اچن پيا.

دُور سُنّت سے مُسلمان ہوئے جاتے ہیں ۔ آہ! فیشن کی ہے یَلغار رسولِ عربی!
سُنّتوں کا ہو عَطاّدَرْد مُسلمانوں کو ۔ دُور فیشن کی ہو بھرمار رسولِ عربی!
میرا سینہ تِری سُنّت کا مدینہ بن جائے ۔ سُنّتوں کا کروں پرچار رسولِ عربی!
(وسائلِ بخشش:375)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اڃا بہ وَقت آهي سنڀلجڻ گهرجي ۽ هوش ۾ اچي گفتار جا نہ بلڪ ڪردار جا غازي بڻجڻ گهرجي، غيرن جي مَحَبَّت دل مان مٽايو ۽ اُن ذات جي حقيقي مَحَبّت دل ۾ سانديو جنهن جي نور دنيا



www.dawateislami.net

جي اونداهين ۾ اُجالو ڪري ڇڏيو، سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان محبت ڪري پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ئي جا ٿي وڃو.

مجھے اپنی رحمت سے تُو اپنا ہی کرلے

سِوا تیرے سب سے کنارا کروں میں

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يڪ طرفہ مَحَبّت ڪرڻ وارا تہ گھڻا ئي ملندا آهن جيڪي هر وقت پنهنجي مَحبُوب سان عشق ۽ محبت جي دعويٰ ڪندا رهندا آهن پر ڪمال تڏهن آهي جڏهن مَحبُوب بہ پنهنجي مُحِب سان مَحَبَّت جو اقرار ڪندو هجي. حَضرتِ سَيدُنا موليٰ علي ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجهه الكَرِيم اهي خوش نصيب شخص آهن جو جن جي دعوٰئ عشقِ رسول تي خود پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مُهرِ تصديق بہ لڳائي ڇڏي ۽ انهن سان پاڻ پنهنجي والهانہ تعلق جو بہ اظهار فرمايو. جيئن

## مَحَبّت جي شاهدي

غزوهء خيبر جي موقع تي رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اِرشاد فرمايائون: لَاُعۡطِيَنَّ الرَّايَةَ غَدًا رَجُلاً يعني سڀاڻي مان ان شخص کي جهنڊو ڏيندس يُحِبُّهُ اللهُ وَرَسُوۡلُهٗ وَيُحِبُّ اللهَ وَرَسُوۡلَهٗ جنهن سان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جو رسول مَحَبَّت ڪن ٿا ۽ اهو بہ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول سان مَحَبَّت ڪندو آهي. پوءِ ٻي ڏينهن پاڻ عَلَيهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام حضرتِ علي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کي جهنڊو عطا فرمايو.

(بخاري ، ڪتاب فضائل اصحابِ النبي، باب مناقب علي ابن ابي طالب، ۵۳۵/۲، حديث:۳۷۰۲ملخصاً)

میں تو کہاہی چاہوں کہ بندہ ہوں شاہ کا

پُرلُطف جب ہے کہدیں اگر وہ جناب "ہُوں"

(حدائقِ بخشش:92)



www.dawateislami.net

شعر جي وضاحت! مان چا ۽ منهنجي حقيقت ڇا آهي، هر وَقت پاڻ کي حضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو غلام سمجهان ٿو ۽ چوندو رهندو آهيان، پر اصل مزو تہ تڏهن آهي جو سرڪار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ فرمائن تہ ها تُو اسان جو غُلام آهين.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ جامعة المدينہ (للبنين) يعني اسلامي ڀائرن ۽ جامعة المدينہ (للبنات) يعني اسلامي ڀينرن جي جامعة المدينہ ۾ داخلا جاري آهن ۽ 10شوال المكرم 1437ھ (متوقع 16 جولائي 2016ء) تائين داخلا جاري رهندا. اوهان بہ پنهنجي ٻارن جي بهتر تربيت ڪرائڻ، انهن کي نماز روزي جو عادي بنائڻ، فرض ۽ واجبات، حلال و حرام، خريدو فروخت ۽ حُقُوقُ العِباد، وغيره جي شرعي اَحڪامات سکڻ جي لاءِ جامعة المدينہ ۾ داخل ڪرايو تہ جيئن اوهان جا ٻار عِلمِ دِين سکي ٻين کي سکارين ۽ اوهان جي اُخروي نجات جو ذريعو بڻجي سگهن. عِلمِ دِين جي فضائل جي تہ ڇا ڳالھ آهي! صَدرُالشَّريعہ حضرتِ علّامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه اِرشاد فرمائن ٿا: علم اهڙي شيءِ ناهي جنهن جي فضيلت ۽ خوبيون بيان ڪرڻ جي حاجت هجي، سڄي دنيا ڄاڻي ٿي تہ علم تمام بهتر شيءِ آهي ان کي حاصل ڪرڻ بلندي جي علامت آهي. هي اها شيءِ آهي جنهن سان انساني زندگي ڪامياب ۽ خوشگوار ٿيندي آهي ۽ ان سان دنيا ۽ آخرت بهتر ٿيندي آهي. (ان مان) اهو علم مُراد آهي جيڪو قرآن ۽ حديث مان حاصل ٿئي جو هي اهو علم آهي جنهن سان دنيا ۽ آخرت ٻئي سنورجي وينديون آهن ۽ اهو علم نجات جو ذريعو آهي ۽ انهيءَ جي قرآن و حديث ۾ ساراهہ بيان ٿي آهي ۽ ان جي تعليم ڏانهن توجهہ ڏياري وئي آهي.

(بهار شريعت، ۶۱۸/۳، ملخصاً)



www.dawateislami.net

اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ جامعة المدينہ ۾ طالبن کي نُورِ علم سان مُنوَّر ڪرڻ سان گڏوگڏ گناهن کان بچڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ جي ترغيب بہ ڏياري ويندي آهي ان جي علاوه جامعة المدينہ جا طالب جدول جي مطابق راهِ خدا ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلن جا مُسافر بڻجندا آهن بلڪ ڪجھ خوش نصيب تہ 12 مهينن جي مَدَني قافلي ۾ سفر جي سعادت بہ حاصل ڪندا آهن، شيخِ طريقت، اَمِيرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيه جي عطا ڪيل 92 مدني انعامات تي عمل ڪندي روزانو مدني انعامات جو رسالو پري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ تي جمع ڪرائيندا آهن. اوهان بہ پنهنجي ٻارن کي جامعةالمدينہ ۾ داخل ڪرايو ۽ پنهنجي ڀائرن، دوستن، عزيزن ۽ ٻين مائٽن تي انفرادي ڪوشش ڪيو،انهن کي ۽ پنهنجي ٻارن کي جامعة المدينہ ۾ داخل ڪرائڻ جو ذهن ڏيو. ان سان هر طرف علم جي روشني ڦهلجي ويندي ۽ جهالت جي اونداهي ختم ٿي ويندي ۽ اوهان جي لاءِ بہ صدقہ جاريہ جو سلسلو بہ ٿي ويندو. اِنۡ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

---

1 … مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،٩٧/١،حديث:١٧٥



www.dawateislami.net

## هلڻ جون سنتون ۽ آداب

اچو! سنت تي عمل جي نيت سان هلڻ جون سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا:

❁ سيپاري 15 سورهٔ بني اسرائيل آيت نمبر 37 ۾ ارشاد ربُّ العِبَاد آهي:

وَ لَا تَمۡشِ فِی الۡاَرۡضِ مَرَحًا ۚ اِنَّکَ لَنۡ تَخۡرِقَ الۡاَرۡضَ وَ لَنۡ تَبۡلُغَ الۡجِبَالَ طُوۡلًا ﴿۳۷﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ زمين ۾ آڪڙ ڪري نہ هل بيشڪ تون زمين کي هرگز چيري نہ سگھندين ۽ هرگز پهاڙن جي اوچائي کي نہ پهچندين.

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي: هڪ شخص ٻہ چادرون پائي تڪبُّر سان هلي رهيو هو ۽ وڏائيءَ ۾ هو اهو زمين ۾ داخل ڪيو ويو ۽ اهو قيامت تائين زمين ۾ داخل ڪيو ويندو.[1] ❁رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هلندا هئا تہ ڪجھ اڳيان طرف جھڪي هلندا هئا ڄڻ تہ پاڻ مٿانهون ڪان هيٺ پيا لهن.[2] ❁ جيڪڏهن ڪا رڪاوٽ نہ هجي تہ رستي جي ڪناري ڪناري وچٿري چال هلو، نہ ايترو تيز جو ماڻهن جون نگاهون اوهان ڏانهن ٿين تہ تڪڙو تڪڙو ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي! نہ ايترو آهستي جو ڏسڻ واري کي اوهان بيمار لڳو- ❁ رستي تي هلندي بلاضرورت هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ سنت ناهي، هيٺ نگاهہ ڪري باوقار طريقي سان هلو هلڻ يا ڏاڪڻ تان لهڻ مهل هي احتياط ڪيو تہ جوتن جو آواز پيدا نہ ٿئي ❁ رستي تي ٻہ عورتون بيٺيون هجن يا وڃي رهيون هجن تہ انهن جي وچ مان نہ

---

[1] ...مُسلِم،كتاب اللباس والزينة،باب تحريم التبختر فی المشی...الخ،ص۱۱۵۶،حديث:۲۰۸۸ملخصاً

[2] ...الشمائل المحمدية للترمذی،باب ما جاء فی مشية رسول الله ، ص۸۷،رقم:۱۱۸



www.dawateislami.net

گذرو جو حديث پاڪ ۾ هن جي مُمانعت آيل آهي۔[1] ❁ ڪجھ ماڻهن جي عادت هوندي آهي تہ رستي تي هلندي جيڪا بہ شيء سامهون آئي ان ڪي لتون هڻندي گذرندا آهن، هي بالڪل غير مُهَذَّب طريقو آهي ائين ڪرڻ سان ڪنهن جو پير زخمي ٿيڻ جو انديشو آهي ۽ اخبار يا لڪائي وارن دٻن، پيڪٽن، ۽ مِنرل واٽر جي خالي بوتلن وغيره کي لت هڻڻ بي ادبي بہ آهي

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۾ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتين ۽ آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

مجھ کو جذبہ دے سفر کرتا رہوں پروردگار
سنّتوں کی تربیت کے قافلے میں بار بار

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

[1] ...ابوداود ،کتاب الادب،باب فی مشی النساء مع الرجال فی الطریق، ۴۷۰/۴،حدیث:۵۲۷۳



www.dawateislami.net

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري

## اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ
الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

### (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(1)

### (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(2)

### (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَهَ ڪرام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنہُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.(3)

---

[1]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]...القول البديع، الباب الاول، ص125



www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي: جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ،

سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي) **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

[1] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[2] ... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net